# ڪَڏ ۽ پُل



(انجمن جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڪڏ ۽ پُل |
| دفعو | : | چوٿون |
| سال | : | 2014ع |
| تعداد | : | 1000 |
| ڇپيندڙ | : | ايس گرافڪس حيدرآباد |

ڇپائيندڙ:

**مسيحي ادبي انجمن**

پوسٽ باڪس نمبر 358، حيدرآباد

Phone: 0301 354 6751

E-Mail: maasindh@gmail.com

1990NT (2002 Ed)

OT2009

## هن ڪتاب ۾


| | |
|---|---|
| 1. خدا پاڪ آهي | 05 |
| 2. انسان گنهگار آهي | 07 |
| 3. گناهہ جدائي پيدا ڪري ٿو | 09 |
| 4. هن ڪَڏ تي پُل ٺاهڻ انسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي | 11 |
| 5. هن ڪڏ تي فقط هڪ پُل آهي | 13 |
| 6. توهان جي اطمينان لاءِ | 15 |






# خدا پاڪ آهي

سو اوهين پاڻ کي انهن سان پليت نہ ڪجو بلڪ پاڻ کي پاڪ ڪري منهنجي لاءِ مخصوص ڪريو، ڇالاءِ جو آءٌ خداوند اوهان جو خدا پاڻ پاڪ آهيان.

(لاوي سرشتو 44:11)

آءٌ ئي عظيم ۽ سربلند خدا آهيان، جيڪو سدائين قائم وَ دائم آهيان، ۽ منهنجو نالو پاڪ آهي. جيتوڻيڪ آءٌ عرش عظيم تي پاڪ جاءِ ۾ رهان ٿو، تڏهن به آءٌ شڪسته دل ۽ نماڻن سان گڏ آهيان، انهيءَ لاءِ ته نماڻن جي روح کي ۽ شڪستہ دلين کي وري تازو توانو ڪريان.

(يسعياه 15:57)

هن جي چوڌاري شعلي جيان ٻرڪندڙ مخلوق بيٺي هئي. انهن مان هر هڪ کي ڇهه ڇهه پر هئا، جن مان ٻن پرن سان هنن منهن لڪايا، ٻن پرن سان پنهنجا پير ڍڪيائون ۽ ٻه پر سندن اڏامڻ لاءِ هئا. اهي هڪ ٻئي کي سڏي چون پيا ته ”پاڪ، پاڪ، پاڪ، قادرمطلق خداوند بلڪل پاڪ آهي، ساري ڌرتي سندس جلال سان ڀرپور آهي.“

(يسعياه 3-2:6)

خداوند جهڙو ڪو ٻيو پاڪ ڪونهي، نڪي اسان جي خدا جهڙو ڪو ٻيو محافظ آهي، هائو، هن کان سواءِ ٻيو ڪو ئي به ڪونهي.

(1- سموئيل 2:2)

قدوس، قدوس، قدوس، خداوند خدا قادرِمطلق، جيڪو آهي، جيڪو هو ۽ جيڪو اچڻ وارو آهي.

(مڪاشفو 8:4)





# انسان گنهگار آهي

جيئن تہ ڪوبہ اهڙو انسان ڪونهي جيڪو گناھ نہ ٿو ڪري.

(1- بادشاھ 46:8)

ڪوبہ سچار نہ آهي، هڪڙو بہ نہ.

(رومين 10:3)

سڀني ماڻھن گناھ ڪيو آهي ۽ خدا جي جلوي کان محروم آهن.

(رومين 23:3)

اسين سڀ اهڙين رڍن وانگر آهيون، جيڪي پنهنجي رستي کان ڀٽڪي ٿيون وڃون.اسان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي رستي ڏانهن ڦري ٿو وڃي. پر خداوند اها سزا هن جي مٿان آندي، جڏهن ته انهيءَ سزا جا حقدار اسين ئي هئاسين.

(يسعياہ 6:53)

هڪڙي ماڻھوءَ جي ڪري دنيا ۾ گناھ آيو، گناھ جي سبب موت آيو ۽ موت سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو، ڇالاءِجو سڀني ماڻھن گناھ ڪيو.

(رومين 12:5)

جيڪڏهن اسين چئون تہ اسان ۾ گناھ ڪونہ آهي، تہ پوءِ اسين پاڻ کي ٺڳيون ٿا ۽ اسان ۾ سچائي ڪانهي.

(1- يوحنا 8:1)





# گناھ جدائي پيدا ڪري ٿو

بلڪ اهي اوهان جا گناهه ئي آهن، جن اوهان جي ۽ خدا جي وچ ۾ جدائي وجهي ڇڏي آهي. اوهان جي بدڪارين جي ڪري ئي هن اوهان کان منهن موڙيو آهي، جو هو اوهان جي نه ٿو ٻڌي.

(يسعياه 2:59)

اوهين مون خداوند جي حڪم جي نافرماني ڇو ٿا ڪريو؟ ڇو اوهين پاڻ کي مصيبت ۾ ٿا وجهو؟ جيئن ته اوهان مون کي ڇڏي ڏنو آهي، تنهنڪري مون به اوهان کي ڇڏي ڏنو.

(2- تواريخ 20:24)

پر انهيءَ شهر ۾ ڪا به ناپاڪ شيءِ يا ڪو به نفرت ۽ ڪوڙ جهڙو ڪم ڪندڙ هرگز داخل ٿي نه سگهندو ۽ رڳو اهي داخل ٿيندا، جن جا نالا زندگيءَ جي ڪتاب ۾ لکيل آهن، جيڪو گهيٽي جو آهي.

(مڪاشفو 27:21)

اوهان کي خبر نه آهي ڇا ته بدڪار خدا جي بادشاهت ۾ داخل نه ٿيندا؟

(1- ڪرنٿين 9:6)





# هن ڪڏ تي پُل ٺاهڻ انسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي

ڇالاءِجو خدا جي فضل جي ڪري ئي اوهان کي ايمان جي وسيلي ڇوٽڪارو مليو آهي. اهو اوهان جي ڪوشش جي ڪري نہ آهي، بلڪ خدا جي بخشش آهي، سو اهو اوهان جي عملن جي ڪري نہ آهي جو متان ڪو فخر ڪري.

(افسين 2:8-9)

تڏهن هن اسان کي ڇوٽڪارو ڏنو. اهو اسان جي سچائيءَ جي ڪمن ڪرڻ ڪري نہ، بلڪ سندس رحم جي ڪري ٿيو. هن اسان کي روحاني طور نئين سر پيدا ڪرڻ جي غسل ۽ پاڪ روح سان نئين زندگي ڏيڻ جي وسيلي ڇوٽڪارو ڏنو.

(طيطس 3:5)

انهيءَ خدا اسان کي ڇوٽڪارو ڏنو ۽ پاڪ زندگيءَ ڏانهن سڏيو، اسان جي عملن جي ڪري نہ، بلڪ پنهنجي خاص ارادي ۽ فضل موجب. اهو فضل اسان تي عيسيٰ مسيح جي وسيلي ازل کان وٺي ڪيو ويو هو.

(2- تيمٿيس 1:9)

پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪم نہ ٿو ڪري ۽ رڳو ان خدا تي ايمان آڻي ٿو جيڪو گنهگارن کي پاڻ ڏانهن سچار ڪري ٿو، تہ سندس ايمان سچائي ڪري ٿو ليکجي.

(رومين 4:5)

تنهن هوندي بہ اسان کي خبر آهي تہ ڪوبہ ماڻهو شريعت تي عمل ڪرڻ سان نہ، پر رڳو عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻڻ سان سچار بڻجي ٿو.

(گلتين 2:16)





# هن ڪڌ تي فقط هڪ پُل آهي

تنهنڪري مسيح بہ هڪڙي ئي ڀيري اوهان جي گناهن جي ڪري مئو يعني سچار گنهگارن لاءِ، انهيءَ لاءِ تہ اوهان کي خدا تائين پهچائي. هو جسم جي اعتبار کان تہ ماريو ويو، پر روح جي اعتبار کان جيئرو ڪيو ويو.

(1- پطرس 18:3)

پر اوهين جيڪي پهريائين گهڻو پري هئا سي هاڻي عيسيٰ مسيح سان ڳنڍجي هڪ ٿيڻ ڪري سندس رت جي وسيلي ويجهو ٿي پيا آهيو.

(افسين 13:2)

مسيح پاڻ اهڙي قرباني آهي، جيڪا اسان جا گناهہ ڪٽي وجي ٿي، نہ رڳو اسان جا پر سڄي جهان جا گناهہ.

(1- يوحنا 2:2)

هي سڀ ڪجهہ خدا جي طرفان آهي، جنهن مسيح جي وسيلي اسان کي پاڻ سان ملايو ۽ صلح ڪرائڻ جي خدمت اسان جي حوالي ڪئي.

(2- ڪرنٿين 18:5)

ڇالاءِ جو خدا دنيا سان ايترو تہ پيار ڪيو جو هن پنهنجو اڪيلو فرزند ڏئي ڇڏيو تہ جيڪو بہ مٿس ايمان آڻي سو برباد نہ ٿئي پر کيس دائمي زندگي ملي.

(يوحنا 16:3)





# توهان جي اطمينان لاءِ

پر جن بہ کيس قبول ڪيو يعني مٿس ايمان آندو، تن کي اهو حق ڏنائين تہ هو خدا جا ٻار ٿين.

(يوحنا 12:1)

ڏسو، پيءُ جو اسان سان ڪيترو نہ پيار آهي. هن جو اسان سان ايترو تہ پيار آهي جو اسين خدا جا ٻار ٿا سڏجون ۽ حقيقت ۾ اسين آهيون بہ. اِهو ئي سبب آهي جو دنيا اسان کي نہ ٿي سڃاڻي، ڇالاءِ جو هن کيس بہ نہ سڃاتو آهي.

(1- يوحنا 1:3)

جيڪڏهن اسين هن جا ٻار آهيون تہ وارث بہ آهيون، يعني خدا جا وارث ۽ مسيح سان ورثي ۾ شريڪ آهيون، بشرطيڪ هن سان ڏکن ۾ شريڪ ٿيون تہ پوءِ ساڻس گڏ جلوي ۾ بہ شريڪ ٿينداسون.

(رومين 17:8)

جيترو اڀرندو الهندي کان پري آهي، اوترو ئي هو اسان جا گناهہ اسان کان پري ڪري ٿو.

(پاڪ زبور 12:103)



## ڇپائيندڙ:

مسيحِي ادبي انجمن
پوسٽ باڪس نمبر 358
حيدرآباد، سنڌ
Phone: 0301 354 6751
E-Mail: maasindh@gmail.com